# عورتن جو پردو
# پاڪدامني ۽ جو ذريعو

- عورتن جو پردو ← نا محرم کان
- عورتن جو پردو ← ڏير کان
- عورتن جو پردو ← وڏي ڏير کان
- عورتن جو پردو ← مڙس جي پيءُ جي مڙس کان
- عورتن جو پردو ← پيٽوي کان
- عورتن جو پردو ← ماسيءَ جي مڙس کان
- عورتن جو پردو ← فقير کان
- عورتن جو پردو ← سوٽ-ماساٽ کان
- عورتن جو پردو ← ڦڦات-ماروٽ کان


## حضرت مولانا مفتي عبدالرؤف صاحب

سکروي دامت برکاتهم العاليه

مفتي جامعه دار العلوم کراچي


مترجم معلمه بنت محمد صالح ميمڻ هالا پراڻا

مکتبه الاسلام کراچي

www.sukkurvi.com

# عورتن جو پردو

# پاڪدامني جو ذريعو

- پردو نہ ڪرڻ تي سخت وعيدون
- پردي جون حدون
- نامحرم رشتيدارن کان پردو
- گهر کان ٻاهر نڪرڻ وقت پردو

www.sukkurvi.com

حضرت مولانا مفتي **عبدالرؤف** صاحب

سکروي دامت برڪاتهم العاليه

**مفتي جامعه دارالعلوم ڪراچي**

مترجمه: معلمه بنت محمدصالح ميمڻ هالا پراڻا

**مڪتبة الاسلام ڪراچي**

كتاب جو نالو: عورتن جو پردو پاڪ دامنيءَ جو ذريعو
مصنف: حضرت مولانا مفتي عبدالرؤف سکروي صاحب
دامت برڪاتهم العاليہ مفتي جامعہ دارالعلوم ڪراچي
پہ اکر: حضرت مفتي محمد خالد ميمڻ صاحب (هالوي)
مترجم: محترمہ معلمہ بنت محمد صالح ميمڻ هالاپراڻا
ڪمپوزنگ: ڪمال خان چانڊيو
ڇاپو: پهريون
سن اشاعت : 29 ذو الحج 1436ھ مطابق 14 آڪٽومبر 2015 ع
ناشر : شعبہ نشر و اشاعت
جامعه دارالعلوم الاسلاميه هالا
فون نمبر: 0223331744
03003041493
ڇپيندڙ : سروري پرنٽنگ ايجنسي، بڪ بائينڊنگ هالا
موبائل نمبر: 033328511185
ويب سائيٽ
WWW.DARULUOOMHALA.COM
FACEBOOK ID: Hala. DARULUOOM

www.sukkurvi.com

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| ١ | ٻه اکر | ث |
| ٢ | نماز روزي وانگر پردو به فرض آهي | ٢ |
| ٣ | پردو نه ڪرڻ تي سخت وعيدون | ٣ |
| ٤ | پردو ڪرڻ تي شڪر ڪجي نه ته استغفار | ٣ |
| ٥ | ٻن گنهگارن ۾ فرق | ٤ |
| ٦ | هي خطرناڪ ڳالهه آهي | ٥ |
| ٧ | پردي کي قبول ڪن ۽ توبه ڪن | ٥ |
| ٨ | گهر ۾ رهڻ واري نامحرم سان پردي جو طريقو | ٦ |
| ٩ | منهن ۽ هٿ کولڻ جي گنجائش | ٧ |
| ١٠ | ٻاهران اچڻ وڃڻ وارن رشتيدارن کان پردي جو طريقو | ٨ |
| ١١ | مردن کي مردن جي ڪمري ۾ ويهارجي | ٩ |
| ١٢ | تون جيڪر نه چاهين ته بهانا هزار آهن | ١٠ |
| ١٣ | گهر مان نڪرڻ وقت پردي جي ڪيفيت | ١١ |
| ١٤ | چادر يا برقعي سان پورو جسم ڍڪڻ | ١١ |
| ١٥ | چادر ۽ برقعو ٿلهو هجي | ١١ |
| ١٦ | برقعو زينت وارو نه هجي | ١٢ |
| ١٧ | برقعو ويڪرو هجي | ١٢ |
| ١٨ | خوشبو نه لڳل هجي | ١٣ |
| ١٩ | حج جي سفر لاءِ محرم جو هجڻ ضروري آهي | ١٤ |
| ٢٠ | بي پردگيءَ تي سخت وعيدون | ١٥ |


www.sukkurvi.com

| | | |
|---|---|---|
| ٢١ | چار جنتي عورتون | ١٥ |
| ٢٢ | چار دوزخي عورتون | ١٧ |
| ٢٣ | بخشيل عورت ۽ ملعون (لعنت ڪيل) عورت | ١٨ |
| ٢٤ | جهنم ۾ عورتن جي ڪثرت جا سبب | ١٩ |
| ٢٥ | شيطان جو عورت کي تڪڻ | ٢٠ |
| ٢٦ | نابين کان پردي جو حڪم | ٢١ |
| ٢٧ | اسان کي ته پردي جي گهڻي ضرورت آهي | ٢٢ |
| ٢٨ | بي پردگي بيشمار گناهن جو ذريعو | ٢٣ |
| ٢٩ | گهر جي نوڪر ۽ ڊرائيور کان پردو ڪجي | ٢٣ |
| ٣٠ | عورت جي آواز جو پردو | ٢٤ |
| ٣١ | جهنم وارن جون ٻه جماعتون | ٢٦ |
| ٣٢ | پهرين جماعت ٻين تي ظلم ڪرڻ وارن جي آهي | ٢٧ |
| ٣٣ | ٻي جماعت لباس پائڻ جي باوجود بي لباس عورتن جي آهي | ٢٨ |
| ٣٤ | سنهو لباس پائڻ جي هڪ جائز صورت | ٢٩ |
| ٣٥ | سوڙهو لباس پائڻ واريون عورتون | ٢٩ |
| ٣٦ | ناقص لباس پائڻ واريون عورتون | ٣٠ |
| ٣٧ | ساڙهي هڪ ناقص لباس | ٣١ |
| ٣٨ | مردن جي توجه کي ڇڪڻ واريون عورتون ۽ خود توجه ڏيڻ واريون | ٣١ |
| ٣٩ | اهڙيون عورتون ٻه جهنم ۾ وينديون | ٣٢ |
| ٤٠ | حضور پاڪ ﷺ جن جو امت جي عورتن کي ڏسي روئڻ | ٣٣ |


www.sukkurvi.com

| | | |
|---|---|---|
| ۴۱ | عورتن کي ڇهن طريقن سان عذاب | ۳۴ |
| ۴۲ | بي پردگيءَ جي ڪري عذاب | ۳۵ |
| ۴۳ | دنيا ۾ ربّ چاهِي ڪريو | ۳۶ |
| ۴۴ | بي پردگيءَ ۾ آزاديءَ جو ڏوڪو | ۳۷ |
| ۴۵ | زبان درازي تي عذاب | ۳۷ |
| ۴۶ | ناپاڪ رهڻ ۽ ڇٽرن تي عذاب | ۳۸ |
| ۴۷ | غسل ۾ لاپرواهي ڪرڻ | ۳۸ |
| ۴۸ | پاڪيءَ جو وقت شروع ٿيڻ تي نماز فرض ٿي وڃي ٿي | ۳۹ |
| ۴۹ | ناجائز تعلقات تي عذاب | ۴۰ |
| ۵۰ | ڪوڙ ۽ چغلي تي عذاب | ۴۰ |
| ۵۱ | نا اتفاقيءَ جو سبب ڪوڙ ۽ چغلي | ۴۱ |
| ۵۲ | چغلي جي حقيقت | ۴۲ |
| ۵۳ | حسد ڪرڻ ۽ احسان جتائڻ تي عذاب | ۴۲ |
| ۵۴ | حسد جي حقيقت | ۴۳ |
| ۵۵ | حسد جو علاج | ۴۴ |
| ۵۶ | الله تعالىٰ جي تقسيم تي اعتراض | ۴۴ |
| ۵۷ | احسان جتائڻ گناهه آهي | ۴۵ |
| ۵۸ | سٺو سلوڪ ۽ هديو تحفو الله تعالىٰ لاءِ ڏيو | ۴۶ |
| ۵۹ | خلاصو | ۴۷ |
| ۶۰ | گهر جي مردن ۽ عورتن کي پردو ڪرڻ تي اياريو | ۴۸ |


www.sukkurvi.com

## ٻه اکر

فقيه العصر شيخ العلماء والصلحاء حضرت مولانا مفتي عبدالرؤف سکروي صاحب دامت برڪاتهم العاليہ جن جو شرعي پردي جي موضوع تي انتهائي قيمتي نافع ۽ لاياڻيتو ڪتاب "خواتين کا پردہ پاک دامني کا ذريعہ آهي." اڄڪلهه ٻين خرابين سان گڏوگڏ بي پردگيءَ جي خرابي طوفان جي شڪل ۾ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ عام جام آهي. جنهن جي ڪري حيا ۽ شرم لڏيندو ٿو وڃي ۽ فحاشي ۽ بي حيائي عام ٿيندي ٿي وڃي. نسوانيت ختم پئي ٿي الامان الحفيظ

ضرورت هئي تہ حضرت مفتي صاحب جن جو هي ڪتاب سنڌي سولي سليس ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿئي تہ جيئن سنڌ جون سنڌي مسلمان عورتون هن مان لاڀ ليئن ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت ٺاهين.

ترجمي جي سعادت حاصل ڪئي آهي دارالعلوم الاسلاميہ هالا جي شعبہ بنات جي معلمہ بنت محمد صالح ميمڻ صاحبہ هن فقير پوري ترجمي جي نوڪ پلڪ سنواري آهي.

ڏاڍي در دعا آهي تہ الله تعالىٰ حضرت مصنف دامت برڪاتهم جي لاءِ ۽ مترجمہ جي لاءِ هن کي صدقہ جاريہ بڻائي ۽ مسلمان عورتن کي وڌ ۾ وڌ فائدو وٺڻ جي توفيق فرمائي. ۽ اسان جي مائرن ڀينرن ڌيئرن کي شرعي پردي جي توفيق عطا فرمائي. آمين

اين دعا از من واز جملہ جهان آمين باد

وصلِّ وسلِّم علىٰ حبيبک خيرِ الخلق کلهم

محمد خالد (هالوي)
مقيم حال دارالعلوم الاسلاميہ هالا

www.sukkurvi.com

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ نَحْمَدُہٗ وَنَسْتَعِیْنُہٗ وَنَسْتَغْفِرُہٗ وَنُؤْمِنُ بِہٖ وَنَتَوَکَّلُ عَلَیْہِ وَنَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنْ شُرُوْرِ اَنْفُسِنَا وَمِنْ سَیِّئَاتِ اَعْمَالِنَا، مَنْ یَّھْدِہِ اللّٰہُ فَلَا مُضِلَّ لَہٗ وَمَنْ یُّضْلِلْہُ فَلَا ھَادِیَ لَہٗ وَاَشْھَدُ اَنْ لَّا اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ وَحْدَہٗ لَا شَرِیْکَ لَہٗ وَاَشْھَدُ اَنَّ سَیِّدَنَا وَنَبِیَّنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدًا عَبْدُہٗ وَرَسُوْلُہٗ

صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَبَارَکَ وَسَلَّمَ تَسْلِیْمًا کَثِیْرًا.

اَمَّا بَعْدُ!

فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

یٰاَیُّھَا النَّبِیُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِکَ وَبَنٰتِکَ وَنِسَآءِ الْمُؤْمِنِیْنَ یُدْنِیْنَ عَلَیْھِنَّ مِنْ جَلَابِیْبِھِنَّ ذٰلِکَ اَدْنٰٓی اَنْ یُّعْرَفْنَ فَلَا یُؤْذَیْنَ وَکَانَ اللّٰہُ غَفُوْرًا رَّحِیْمًا یٰاَیُّھَا النَّبِیُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِکَ وَبَنٰتِکَ وَنِسَآءِ الْمُؤْمِنِیْنَ یُدْنِیْنَ عَلَیْھِنَّ مِنْ جَلَابِیْبِھِنَّ ذٰلِکَ اَدْنٰٓی اَنْ یُّعْرَفْنَ فَلَا یُؤْذَیْنَ وَکَانَ اللّٰہُ غَفُوْرًا رَّحِیْمًا.

صدق اللہ العظیم .(سورۃ الاحزاب، آیت: 69)

www.sukkurvi.com

**نماز روزي وانگر پردو به فرض آهي:**

منهنجا قابل احترام بزرگو! اڄ آءٌ انشاءالله توهان جي خدمت ۾ هن آيت جي روشنيءَ ۾ عورتن جي پردي بابت ڪجهه ڳالهيون عرض ڪندس ته جيئن مردن ۽ عورتن ٻنهي کي شرعي پردي جي ضروري حڪمن جو پتو پئي عورتن کي پردي ڪرڻ جو حڪم الله تعالىٰ قرآن ڪريم جي ذريعي ڏنو آهي، چنانچه مون هاڻ جيڪا آيت تلاوت ڪئي، ان آيت ۾ به پردي جو ئي حڪم آهي ۽ ان کان علاوه ڪيترين ئي آيتن ۾ صاف صاف پردي جا حڪم موجود آهن ۽ شريعت جو قاعدو هي آهي ته قرآن ڪريم ۾ جڏهن الله تعالىٰ ڪنهن ڪم جو حڪم ڏئي ته اهو ڪم فرض ٿي وڃي ٿو. نماز جو حڪم الله تعالىٰ قرآن ڪريم ۾ ڏنو ان ڪري مسلمان مردن ۽ عورتن تي نماز فرض آهي، رمضان شريف جي روزن جو حڪم الله تعالىٰ قرآن ڪريم ۾ ڏنو تنهن ڪري رمضان جا روزا مردن ۽ عورتن تي فرض آهن، اهڙي ريت زڪوٰة ۽ حج جو حڪم به قرآن ڪريم ۾ آيو آهي ان ڪري هي چارئي احڪام اسلام جي فرائض ۾ شامل آهن. اهڙي طرح پردي جو حڪم به قرآن ڪريم ۾ آيو آهي. تنهن ڪري مسلمان عورتن تي پردو ڪرڻ فرض آهي.

www.sukkurvi.com

**پردو نہ ڪرڻ تي سخت وعيدون:**

جهڙي طرح نماز نہ پڙهڻ، رمضان جا روزا نہ رکڻ، زڪوٰة فرض هجڻ جي باوجود ادا نہ ڪرڻ، حج فرض هجڻ جي باوجود ادا نہ ڪرڻ وڏو ڏوهہ آهي، اهڙي طرح جڏهن مسلمان عورت تي بالغ هجڻ ڪري پردو فرض ٿي وڃي تہ ان فرض کي ادا نہ ڪرڻ وڏو ڏوهہ آهي، ان ڪري پردو نہ ڪرڻ تي حديثن ۾ ڏاڍن خوفناڪ عذابن جون وعيدون آيون آهن، جهڙي طرح نماز نہ پڙهڻ تي، روزن نہ رکڻ تي، زڪوٰة ادا نہ ڪرڻ تي ۽ حج ادا نہ ڪرڻ تي مختلف قسمن جي عذاب جو ذڪر آهي اهڙي طرح جيڪي عورتون شرعي پردو نٿيون ڪن انهن جي لاءِ بہ طرح طرح جي عذابن جون وعيدون آيل آهن.

**پردو ڪرڻ تي شڪر ڪجي نہ تہ استغفار:**

ان مان توهان اندازو لڳايو هوندو تہ نماز، روزي وانگر شرعي پردو بہ مسلمان عورت لاءِ ضروري آهي. جيڪي عورتون شرعي پردو ڪنديون آهن اهي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪن تہ اهي الله پاڪ جي حڪم کي پورو ڪري رهيون آهن ۽ جيڪي عورتون پردو نٿيون ڪن انهن کي گهرجي تہ شرعي پردي جو اهتمام ڪن ۽ شرعي پردي کي ضروري سمجهن، پر جيڪڏهن ان ۾ ڪا ڪوتاهي ٿي

www.sukkurvi.com

رهي هجي تہ ان کي پنهنجي ڪوتاهي سمجهن ۽ پاڻ کي گنهگار سمجهن ۽ الله تعالىٰ کان دعا ڪن تہ اي الله! آءٌ پنهنجي غلطي مڃان ٿي ۽ تنهنجي هن حڪم کي صحيح سمجهان ٿي، تون مونکي همت عطا فرماءِ تہ آءٌ ان حڪم تي عمل ڪريان.

**ٻن گنهگارن ۾ فرق:**

ڏسو هڪ شخص اهو آهي جيڪو گناهہ ڪري ٿو پر گناهہ کي گناهہ سمجهي ٿو ۽ پنهنجي غلطيءَ جو اقرار ڪري ٿو ۽ الله پاڪ جي طرف رجوع ڪري ٿو، معافي گهري ٿو ۽ دعا ڪري ٿو تہ اي الله! مون کي ان گناهہ کان بچڻ جي همت ۽ توفيق ڏي.ٻيو شخص اهو آهي جيڪو گناهہ ڪري ٿو پر گناهہ کي گناهہ نٿو سمجهي بلڪ هي چوي ٿو تہ هي شريعت جو حڪم ناهي هي تہ مولوين پنهنجي طرفان ناهيو آهي وغيره وغيره، انهن ٻنهي شخصن ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي هيءُ ٻيو شخص شريعت جي حڪم کي مڃڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي ۽ ان حڪم کي من گهرت چئي رهيو آهي ان جو تہ ايمان ئي ختم پيو ٿئي ۽ پهريون شخص جيڪو گناهہ جو اقرار ڪندڙ مجرم آهي گهٽ ۾

www.sukkurvi.com

گهٽ ان جو ايمان تہ محفوظ آهي تہ هڪ ڏينهن انشاء اللہ
ڪيس سچي توبہ جي بہ توفيق ملي ويندي.

**هي خطرناڪ ڳالهہ آهي:**

پردي جي حڪم جو معاملو بہ اهڙو ئي آهي تہ
ڪجهہ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي قرآن ڪريم ۽ حديث شريف
۾ پڌرو پردي جو حڪم موجود هجڻ جي باوجود ان کي
نٽا ميڻن يا حڪم تہ ميڻن ٿا پر صاف هي ٿا چون تہ
اڄ جي زماني ۾ ان تي عمل ممڪن ناهي، ۽ پوءِ طرح
طرح جا حيلا ۽ بهانا ان حڪم تي عمل نہ ڪرڻ جي لاءِ
ڪندا رهن ٿا اها ڏاڍي خطرناڪ ڳالهہ آهي ان ڪان هر
مسلمان مرد ۽ عورت کي بچڻ گهرجي.

**پردي کي قبول ڪن ۽ توبہ ڪن:**

البتہ جيڪڏهن پنهنجي ڪمزوري يا ماحول ڪان
مرعوب ٿي ڪن عورتون شرعي پردي جي پابندي نہ ڪري
سگهن ۽ انهن کي هڪ دم پوري طرح شرعي پردي تي
عمل ڪرڻ مشڪل لڳندو هجي تہ انهن کي گهرجي تہ اهي
ان حڪم کي قبول ڪن ۽ اقرار ڪن تہ اي اللہ! بيشڪ
هيءُ تنهن جو حڪم آهي آءٌ ان کي بغير شڪ جي ميڃان ٿي
پر آءٌ خطاڪار آهيان، سياه ڪار آهيان. اي اللہ! مونکي
فوري طور تي ان تي عمل ڪرڻ مشڪل لڳي رهيو آهي،

www.sukkurvi.com

آءُ گهڻي ڪمزور آهيان پر آءُ وعدو ڪريان ٿي ته ان حڪم کي پورو ڪندس. اي الله! منهنجي مدد ۽ نصرت فرماءِ ۽ منهنجي ايمان کي ايترو مضبوط ۽ قوي فرماءِ جو آءُ دل وجان سان ان حڪم کي پوري طرح ادا ڪري سگهان. پوءِ جيستائين هو ان گناهه ۾ مبتلا رهي ان کان مسلسل توبه ڪندي رهي ۽ هي ارادو ڪندي رهي ته آءُ انشاءالله پنهنجو ماحول بدليندس ۽ ان حڪم تي پورو پورو عمل ڪندس.

**گهر ۾ رهڻ واري نامحرم سان پردي جو طريقو:**

بهرحال! قرآن و حديث جي روشنيءَ ۾ مسلمان عورتن جي لاءِ اصل حڪم هي آهي ته هو پنهنجي گهر ۾ رهن، انهن جو گهر ۾ رهڻ اهو به پردي جي هڪ شڪل آهي. ان ڪري جيستائين ٿي سگهي مسلمان عورتون پنهنجي گهر ۾ رهن ۽ بغير ضرورت جي گهر کان ٻاهر نه نڪرن.

عورتن کي گهرجي ته رشتيدار ۽ گهر جي اندر جيڪي نامحرم مائٽ مرد رهن ٿا انهن کان به پردو ڪرڻ جو اهتمام ڪن. مثلاً ننڍو ڏير يا وڏو ڏير ان کان به پردي جو اهتمام ڪن. اهڙي طرح جيڪي نامحرم مرد گهر ۾ ايندا ويندا آهن جيئن مڙس جو ننڍو چاچو، وڏو چاچو، مامون وغيره انهن کان به پردي جو اهتمام ڪن. انهن

www.sukkurvi.com

رشتيدارن کان پردو ڪرڻ جو طريقو هي آهي. ته جڏهن عورت پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ جو ارادو ڪري ۽ کيس اهو اندازو هجي ته ڪمري کان ٻاهر نامحرم موجود آهن ته اها عورت نماز جي گندي پنهنجي مٿي تي ائين ويڙهي ڇڏي جيئن نماز ۾ ويڙهبي آهي. ۽ ان ۾ مٿي جا وار، ڳچي ۽ ٻئي ٻانهون ڪرائين تائين لڪي وڃن، البته هٿ ڪليل رهن ته ڪو حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي ته منهن تي گهونگهٽ وجهي ڇڏي جيئن پهرئين زماني جون شريف عورتون ڪنديون هيون، پوءِ گهونگهٽ وجهي گهر جا سڀ ڪم ڪري، گهر جي اندر ڏيرن سان ۽ ٻين نامحرم مردن سان ضرورت وقت ڳالهائڻ به جائز آهي، انهن کان خيريت پڇڻ به جائز آهي، انهن کان گهر جي ضرورت جون شيون گهرائڻ به جائز آهن. اهڙي طرح گهر جا سڀ ڪم ڪري سگهي ٿي.

**منهن ۽ هٿ کولڻ جي گنجائش:**

جيڪڏهن ڪنهن عورت کي منهن تي گهونگهٽ وجهڻ مشڪل آهي ته ان صورت ۾ اسان جي عالمن سڳورن فرمايو آهي ته جيڪڏهن منهن ۽ ٻئي هٿ ڪليل هجن پر ڪرائيون لڪيل هجن ته ان جي به گنجائش آهي، البته بهتر هي آهي ته منهن تي گهونگهٽ رهي ان ڪري

www.sukkurvi.com

جو عورت جو منهن حسن وجمال جو مرڪز آهي ۽ ان جي کلڻ سان فتنو فيلجڻ جو خطرو آهي ان ڪري جنهن گهر ۾ نامحرم مردن کان فتني جو انديشو هجي اتي تہ گهونگهٽ وجهڻ جو اهتمام ڪري پر جتي فتني جو انديشو ناهي اتي گهونگهٽ نہ وجهڻ جي بہ گنجائش آهي.

بهرحال! هي حڪم تہ انهن نامحرم مردن کان پردي بابت هو جيڪي گهر جي اندر رهن ٿا ان ڪري جو هر وقت پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو رهڻ بہ مشڪل آهي ۽ برقعو پائي گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ بہ مشڪل آهي ان ڪري شريعت اها سهولت عطا ڪئي جيئن سهولت سان عورتون گهر جو ڪم ڪار ڪري سگهن.

**ٻاهران اچڻ وڃڻ وارن رشيتدارن کان پردي جو طريقو:**

ڪجھ نامحرم مرد اهي هوندا آهن جيڪي گهر جي اندر نٿا رهن پر گهر ۾ بنا تڪلف جي ايندا ويندا آهن، جيئن زال يا مڙس جي چاچي جا پٽ، ڦڦيءَ جا پٽ، مامي جا پٽ، خالہ جا پٽ وغيره هي رشتي ۾ ڀائر سڏرائجن ٿا انهن کان ڪو خاص پردي جو اهتمام نٿو ڪيو وڃي. جڏهن تہ انهن کان بہ پردو ڪرڻ گهرجي، انهن رشيتدارن سان پردي جو طريقو هيءُ آهي تہ گهر جا جيڪي وڏا آهن اهي سڀ هڪ دفعو ويهي ان مسئلي کي طيءِ ڪن ۽ سين کي هي

www.sukkurvi.com

چئي ڇڏين تہ اڄ کان پوءِ انشاءالله اسان جي گھر ۾ پردي جو اهتمام ٿيندو ان ڪري جيڪي بہ رشتي جا ڀائر آهن يا ٻيا نامحرم مرد رشتيدارآهن ۽ گھر ايندا آهن، آئينده جڏهن هو ايندا تہ انهن کي بيٺڪ ۾ ۽ ڊرائنگ روم (مهمان خاني) ۾ ويهاريو ويندو هي مرد جيڪي سڌو گھر ۾ ايندا هئا ۽ عورتن جي ڪمرن ۾ بہ داخل ٿي ويندا هئا ۽ عورتن جي قريب بنا تڪلف ڪري ويهندا هئا ۽ انهن سان بي ڌڙڪ جي ڳالهائيندا هئا، آئنده ان صورت کان بچنداسين ۽ پرهيز ڪنداسين.

**مردن کي مردن جي ڪمري ۾ ويهارجي:**

جڏهن بہ ڪو نامحرم مرد گھر ۾ اچي، يلي اهو مائٽئي ڇو نہ هجي، اهو مرد سان ئي ملندو اهو گھر جي نامحرم عورتن سان نہ ملندو ها جيڪڏهن محرم هجي تہ بيشڪ اهو عورتن سان بہ ملي سگھي ٿو ڇو تہ انهن کان پردو ناهي. بهرحال! اهڙي طرح هڪ دفعو سين کي ويهاري طئي ڪرڻو پوندو، جيڪڏهن ائين هڪ دفعو طئي ڪيو ويندو پوءِ عورتن جي لاءِ بہ نامحرم مردن کان پردو آسان ٿيندو، طئي ڪرڻ کان پوءِ زال جا نامحرم مائٽ ۽ مڙس جا نامحرم مائٽ مثلاً مڙس جا چاچا، مڙس جو خالو، مڙس جي پڦي جو مڙس، مڙس جو مامون؛ هي سڀ جيئن

www.sukurvi.com

تہ زال جي لاءِ نامحرم آهن. يا زال جي خالہ جو پٽ، چاچي جو پٽ، مامي جو پٽ وغيره اچن تہ انهن سان صرف گهر جا مرد ملاقات ڪن ۽ انهن کي مردن جي ڪمري ۾ ويهاريو وڃي. گهر جون عورتون انهن سان ڳالهائڻ چاهين ٿيون تہ اهي پردي جي پٺيان ڳالهائين يا انٽرڪام تي يا فون تي ڳالهائين.

**تون نٿي جيڪر تہ چاهين تہ بهانا هزار آهن:**

هي ڪم ڪجهہ ڏينهن تہ عجيب لڳندو پر ان ۾ توهان کي عافيت بہ محسوس ٿيندي، ۽ عورتن کي بہ ان ۾ راحت محسوس ٿيندي، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ شرعي پردي جو اهتمام ٿي ويندو ۽ بي پردگيءَ جي گناهہ کان مرد ۽ عورتون ٻئي بچي ويندا، ان ڪري ان عمل جي لاءِ عورتن کي پنهنجي ذهن کي ٺاهڻ جي ضرورت آهي ۽ مردن کي انهن جي مدد ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهڙيطرح جڏهن پاڻ ۾ سڀ ڳالهيون طئي ڪنداسين تہ ٿوري دير ۾ ئي هي مسئلو حل ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن مرد ۽ عورتون ان ڪم لاءِ تيار نہ ٿين تہ سڄي عمر هي گناهہ ٿيندو رهندو.

تو ہی اگر نہ چاہے تو بہانے ہزار ہیں

اے خواجہ درد نیست وگرنہ طبیب ہست

www.sukkurvi.com

جيئن تہ گناھ جو احساس ناهي ۽ ان گناھ کان بچڻ جو اهتمام ناهي ۽ ان کان بچڻ جو فکر ناهي تنهن ڪري بچڻ مشڪل لڳي ٿو نہ تہ بچڻ جو آسان طريقو موجود آهي.

**گهر مان نڪرڻ وقت پردي جي ڪيفيت:**

عورتن کي ضرورت جي بقدر گهر مان ٻاهر نڪرڻ جائز آهي پر جڏهن گهر مان ٻاهر نڪرن تہ شرعي پردي سان نڪرن، شرعي پردي ۾ ڪجهہ بنيادي ڳالهيون آهن انهن کي سمجهڻ ضروري آهي.

(١)**چادر يا برقعي سان پورو جسم ڍڪڻ:** پهرين ڳالهہ تہ هيءَ آهي تہ جڏهن ڪا عورت گهر مان ٻاهر نڪري تہ پنهنجي پوري جسم کي ڪنهن ٿلهي، ڍڳهي، ويڪري چادر سان يا برقعي سان چڱي طرح ڍڪي ڍومي نڪري، ها رستو ڏسڻ لاءِ هڪ اک کولڻ جي اجازت آهي يا پنهنجي منهن تي اهڙو نقاب وجهي جنهن سان پردو بہ ٿي وڃي ۽ رستو بہ نظر اچي ۽ ڪوشش هيءَ هجي تہ جسم جو ڪو حصو نہ کلي.

(٢)**چادر ۽ برقعو ٿلهو هجي:** ٻي ڳالهہ هيءَ تہ اها چادر يا برقعو ايڏو وڏو ۽ ٿلهو هجي جو مٿي کان پيرن تائين جسم ۽ لباس جو ڪو حصو بہ ان مان نظر نہ اچي، اگر سنهو هوندو تہ جسم ۽ ڪپڙا ڏسجندا، ان مان پردي جو مقصد حاصل نہ

www.sukkurvi.com

ٿيندو ۽ اها چادر يا برقعو چاهي ڪاري رنگ جو هجي يا اڇي رنگ جو ڪو خاص رنگ ضروري ناهي.

(٣)**برقعو زينت وارو نہ هجي:**ٽي ڳالهيءَ تہ اها چادر يا برقعو ڀڙڪيلو زينت ۽ گلن ٻوٽن وارو نہ هجي ڇو تہ عورتن لاءِ گهر کان ٻاهر نڪرڻ وقت اهو حڪم آهي تہ هوپنهنجي زينت، پنهنجي حُسنَ کي لڪائي نڪرن، عام طور تي عورتن جو لباس بہ خوبصورت، زيور بہ خوبصورت وضع بہ خوبصورت هوندي آهي، ان ڪري برقعي جو ڪپڙو خوبصورت ۽ گلن ٻوٽن وارو نہ هئڻ گهرجي. بلڪ برقعو بلڪل سادو هجي، نہ چمڪدار هجي نہ ڀڙڪيلو نہ گلن وارو، ۽ ايڏو وڏو هجي جو مٿي کان پيرن تائين سڄي جسم کي ڍڪي ڇڏي.

(٤)**برقعو ويڪرو هجي:**چوٿين ڳالهہ هيءَ آهي تہ اهو برقعو ايترو ويڪرو هجي جو ان مان جسم جي عضون جي هيئت ظاهر نہ ٿئي، جيڪڏهن برقعو سوڙهو هوندو تہ پردي جو مقصد حاصل نہ ٿيندو، ان ڪري جو سوڙهي هجڻ جي نتيجي ۾ جسم جي بناوت ۽ هيئت واضح ٿيندي، ان سان پردي جو مقصد فوت ٿي ويندو، ان ڪري برقعو خوب ويڪرو هجڻ ضروري آهي.

www.sukkurvi.com

(٥)**خوشبو نہ لڳل هجي:** پنجين ڳالھ هيءَ آهي تہ ان برقعي جي مٿان يا اندرئين لباس ۾ ڪنهن قسم جي پکڙجندڙ خوشبو لڳل نہ هجي، جيڪڏهن اهڙي خوشبو لڳل هجي جنهن جي خوشبو ٻاهر نہ اچي بلڪ اندر تائين ئي رهي تہ ان ۾ ڪو حرج ناهي، مهڪڻ ۽ ڦيلجڻ واري خوشبو لڳائي گهر کان ٻاهر نڪرڻ وارين عورتن بابت سخت وعيد آيو آهي، ان ڪري اهڙي خوشبو لڳائي ٻاهر نڪرڻ جائز ناهي، چنانچہ هڪ حديث ۾ حضور نبي ڪريم ﷺ ان کي زنا ڪرڻ واري فرمايو آهي. (نسائي)

بهرحال ذڪر ڪيل پنجن ڳالهين جو خيال ڪندي عورت ضرورت وقت گهر کان ٻاهر نڪري سگهي ٿي.

پوءِ جيڪڏهن ان عورت جو گهر کان ٻاهر نڪرڻ پنهنجي شهر ۾ هجي تہ ان سان محرم هجڻ بهتر آهي، ضروري ناهي. اهڙي طرح جيڪڏهن اها عورت سفر تي وڃي رهي آهي پر اهو سفر اٺيتاليھ ميل يا تقريبًا سوا 77 ڪلو ميٽر کان گهٽ آهي تہ بہ محرم جو گڏ هجڻ ضروري ناهي جڏهن ڪنهن فتني ۾ مبتلا ٿيڻ جو خطرو نہ هجي، نہ تہ اڪيلي سفر کان بچڻ گهرجي. ۽ جيڪڏهن اها عورت اٺيتاليھ ميل يا تقريبًا 77.24 ڪلو ميٽر يا ان کان وڌيڪ پري ڪنهن سفر ۾ وڃڻ چاهي ٿي، چاهي ڪراچي کان

www.sukkurvi.com

حيدرآباد سکر، ملتان يا لاهور جو سفر هجي يا حج جو سفر هجي تہ ذکر ڪيل سڀني پابندين سان گڏوگڏ ان لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ ان سفر ۾ ان سان گڏ ان جو محرم مرد يا مڙس هجڻ ضروري آهي، بغير مڙس جي يا بغير محرم جي ايڏو وڏو سفر ڪرڻ جائز ناهي سراسر گناهہ آهي.

**حج جي سفر لاءِ محرم جو هجڻ ضروري آهي:**

ڏسو! جيڪڏهن ڪنهن عورت تي حج فرض ٿي ويو پر حج جي سفر لاءِ ڪيس ڪو محرم نہ پيو ملي مثلاً مڙس وڃڻ لاءِ تيار ناهي يا ان جا محرم مثلاً پيءُ، سڳو ڀاءُ، يا سڳو ڀائيٽيو، ڀاٽيجو موجود آهن پر انهن مان ڪوبہ وڃڻ لاءِ تيار ناهي يا انهن ڪي وٽي وڃڻ جي لاءِ عورت وٽ ڪرايو ناهي تہ شرعًا ان کي اڪيلي حج جي سفر تي وڃڻ جي اجازت ناهي ڇو تہ ان صورت ۾ حج ادا ڪرڻ ان جي ذمي ضروري ناهي بلڪ اهڙي عورت جي لاءِ شرعي حڪم هي آهي تہ سڄي عمر محرم جو انتظار ڪري، جيڪڏهن زندگي ۾ ڪو محرم گڏ هلڻ وارو ملي وڃي يا مڙس گڏ وڃڻ لاءِ تيار ٿي وڃي تہ ان سان گڏ حج ڪرڻ لاءِ وڃي، اگر پوريءَ زندگي ڪو محرم نہ ملي تہ ان جي لاءِ حڪم هي آهي تہ پنهنجي طرفان حج بدل ڪرائڻ جي وصيت ڪري

www.sukurvi.com

ڇڏي. تہ مون تي حج فرض هو پر مون کي حج ادا ڪرڻ لاءِ محرم نہ ملي سگهيو، ان ڪري آءٌ وصيت ڪريان ٿي تہ منهنجي مرڻ کان پوءِ منهنجي مال مان منهنجو حج بدل ڪرايو وڃي.

اهو آهي شريعت جو حڪم، شريعت ائين نہ چيو تہ جڏهن توهان تي حج فرض آهي ۽ توهان کي محرم نہ ملي رهيو آهي تہ توهان بنا محرم جي حج ڪرڻ وڃو، اهو حڪم هرگز نہ ڏنو، هي سڀ احتياطَ مڪمل پردي جو حڪم فقط ان لاءِ آهي تہ جيئن عورت جي عزت ۽ عصمت محفوظ رهي.

**بي پردگيءَ تي سخت وعيدون:**

جيڪي عورتون گهر ۾ نامحرمن کان پردو نٿيون ڪن يا جيڪي عورتون گهر کان ٻاهر نڪرڻ وقت پردي سان نٿيون نڪرن انهن بابت حديثن ۾ سخت وعيدون آيون آهن. اهي انهن کي پڙهن ۽ بي پردگيءَ جي سخت گناهہ کان بچن ۽ شرعي پردي جو اهتمام ڪن. الله پاڪ توفيق بخشي . آمين

**چار جنتي عورتون:**

هڪ حديث ۾ حضور اقدس ﷺ فرمايو تہ چار عورتون جنتي آهن ۽ چار عورتون دوزخي آهن. (١) جنت ۾

وجهڻ وارين چئن عورتن مان هڪ عورت اها آهي جيڪا
نهايت عفيف ۽ پاڪ دامن هجي، الله ﷻ جي فرمانبردار
هجي ۽ پنهنجي گهرواري جي به اطاعت ڪندي هجي.
(٢)ٻي عورت اها آهي جيڪا گهٽي حياء واري هجي ۽ شرم
وحياء سان ڀريل هجي، جڏهن مڙس گهر ۾ موجود نه هجي
ته پنهنجي عزت جي حفاظت ڪندي هجي، نامحرم مردن
سان ناجائز تعلق نه رکندي هجي، ۽ جڏهن مڙس گهر ۾
هجي ته پنهنجي زبان سان ان کي تڪليف نه ڏيندي هجي.
(٣) ٽي عورت اها آهي جيڪا گهڻن ٻارن واري هجي ۽
انهن ٻارن جي قدردان هجي ۽ صبر ڪرڻ واري هجي ۽
مڙس جي طرفان ان کي جيڪو ڪجهه ملي ته ان تي صبر
سان قناعت ڪندي هجي ۽ ان تي راضي رهندي هجي. (٤)
چوٿين عورت اها آهي جنهن جو مڙس وفات ڪري ويو
هجي ۽ ان جا ننڍا ننڍا ٻار هجن ۽ انهن ٻارن جي خاطر
قرباني ڏيندي هوءِ ٻئي مرد سان نڪاح نه ڪري، ڇو ته
نڪاح ڪان پوءِ مڙس جا حق ادا ڪرڻا هوندا آهن جن جي
ڪري ٻارن جي تربيت صحيح نه ٿي سگهندي، تنهن ڪري
هن ٻارن جي تربيت ۽ پرورش ڪاڻ ٻيو نڪاح نه ڪيو ۽
اهڙي ئي طرح ان زندگي گذاري ڇڏي (الزواجر)

www.sukkurvi.com

**چار دوزخي عورتون:**

دوزخ ۾ وجڻ واريون چار عورتون هي آهن. (١) هڪ اها عورت جيڪا زبان جي ڪچي هجي مڙس سان تيز ڳالهائيندي هجي، ان جي هر ڳالهه تي مُنهين ڏيڻ ان کي مهڻا ڏيڻ ۽ ان جي ماءُ پيءُ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ ان جي گهروارن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ سندس عادت هجي، ۽ هوءِ پنهنجي انهن خراب عادتن جي ڪري مڙس کي ايذاء ۽ تڪليف پهچائيندي هجي ۽ جڏهن مڙس گهر ۾ نہ هجي تہ ان وقت پنهنجي عزت جي بہ حفاظت نہ ڪندي هجي اهڙي عورت دوزخي آهي.(٢) ٻي اها عورت جيڪا مڙس جي مالي حيثيت کان وڌيڪ ڪانئس پنهنجيون فرمائشون ۽ طرح طرح جا مطالبہ ڪندي هجي تہ فلاڻي شيءِ آڻي ڏي،فلاڻو ڪم ڪر، زال کي ان سان ڪو غرض ناهي تہ سندس مڙس جي ڪمائي ڪيتري آهي، ان آمدني جي ذريعي اسين پنهنجون جائزخوهشون ڪيتري حد تائين پوريون ڪري سگهون ٿا، ان سان ان جو ڪو واسطو ناهي، شاديءَ کان پوءِ روز ان جا نوان نوان مطالبہ ۽ نيون نيون خواهشون مڙس جي سامهون ايندون رهن ٿيون، ان جو نتيجو هي ٿئي ٿو تہ سندس مڙس جڏهن هي ڏسي ٿو تہ جائز آمدنيءَ مان هن جا مطالبہ پورا نٿا ٿين تہ هو ناجائز ڪمائيءَ جا

www.sukkurvi.com

ذريعا تلاش ڪري ٿو تہ اهڙي عورت بہ دوزخي آهي. (٣) ٽي
عورت جيڪا بي پرده گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي عادي هجي
يعني جڏهن بہ اها گهر کان ٻاهر نڪري ٿي تہ هارسنگار
ڪري بي پرده گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي عادي آهي. اها بہ
جهنمي عورت آهي، اڄ ڪلهہ اڪثر عورتن جو اهو ئي حال
آهي، اهي ان کان عبرت وٺن. (٤) چوٿين اها عورت جيڪا
نہ نماز پڙهي ٿي ۽ نہ روزو رکي ٿي بلڪ ان جو ڪم
صرف کائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ آهي ان کان علاوه ڪو ڪم نٿي
ڪري نہ ان کي مڙس جي حقن جو ڪو فڪر آهي ۽ نہ ان
کي گهر جي ذميداريءَ جو احساس آهي. گهر ۾ ڪهڙو
ڪم ڪرڻو آهي ۽ گهر ۾ ڪير اچي پيو ڪير وڃي پيو ان
سان ان کي ڪو غرض ناهي، ڪنهن بہ عورت لاءِ اها سٺي
عادت ناهي بلڪ خراب عادت آهي. اها عورت بہ جهنمي
آهي، بهرحال هي چار عورتون آهن جن بابت فرمايو ويو تہ
هي جهنمي آهن. (الزواجر)

**بخشيل عورت ۽ ملعون (لعنت ڪيل) عورت:**

هڪ ٻي حديث ۾ آهي تہ جيڪا عورت (الله
تعالىٰ جي فرمانبردار هجي، الله تعالىٰ جي رسول الله ﷺ
جي تابعدار هجي ۽) پنهنجي مڙس جي فرمانبردار (۽
خدمت گذار هجي) ان جي لاءِ هوائن ۾ پکي، سمنڊ ۾

www.sukkurvi.com

مچيون (آسمانن ۾) فرشتا ۽ چنڊ ۽ سج الله تعاليٰ کان مغفرت جي دعا گهرن ٿا. جيستائين اها پنهنجي مڙس جي رضا کي حاصل ڪندي رهي ٿي. ۽ جيڪا عورت (الله تعاليٰ جي ۽ الله جي رسول ﷺ جي نافرمان هجي ۽) مڙس جي نافرماني ڪري، ان تي الله تعاليٰ جي لعنت آهي ۽ فرشتن جي ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي. جيڪا عورت اجايو ڳالهائي مڙس جو موڊ بگاڙي ڇڏي ته اها ان وقت تائين الله تعاليٰ جي ناراضگي ۾ رهي ٿي جيستائين اها ان کي خوش نه ڪري ۽ جيڪا عورت مڙس جي اجازت بنا ان جي گهر مان وڃي هلي ته ان جي واپس اچڻ تائين مٿس فرشتا لعنت ڪندا رهن ٿا.

**جهنم ۾ عورت جي ڪثرت جا سبب:**

هڪ حديث ۾ جناب رسول الله ﷺ فرمايو ته مون جڏهن دوزخ جي اندر ڏٺو ته ان ۾ عورتن جو تعداد گهڻو هو هاڻ ان جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ ان بابت عالمن سڳورن فرمايو ته ان جا ٽي سبب آهن.

(ا) هڪ سبب هي آهي ته عورتون الله ۽ ان جي رسول الله ﷺ جون گهٽ فرمانبردارهونديون آهن، انهن جي اندر فرمانبرداري جو جذبو صفا گهٽ هوندو آهي، عام طور تي اها ڳالهه عورتن ۾ واقعي ڏٺي وڃي ٿي.

(٢) ٻيو سبب هي آهي تہ ان ۾ مڙس جي فرمانبرداري جو جذبو بہ گهٽ ڏنو ويجي ٿو جيتوڻيڪ ڪي عورتون الله تعالىٰ جي اطاعت ڪرڻ واريون ۽ مڙس جي فرمانبرداري ۽ خدمت ڪرڻ واريون بہ ٿين ٿيون.

(٣) ٽيون سبب هيءُ آهي تہ انهن جي اندر بي پرده رهڻ جو جذبو تمام گهڻو ڏنو ويجي ٿو. گهر کان ٻاهر نڪرڻ وارين لکين عورتن مان ڪيتريون عورتون واقعتًا شرعي پرده ۾ هونديون آهن يا صرف نالي جو پردوهوندو اٿن، اڪثر عورتن جي اها خواهش هوندي آهي. تہ هو زينت اختياري ڪري سنورجي بي پرده ٿي گهر کان ٻاهر نڪرن، اڄ مارڪيٽن ۽ بازارن ڪي ڏسو تفريح ۽ تقريب جي جاين ڪي ڏسو (مزارن ۽ پڙن ڪي ڏسو) جتي ڪٿي نظر ايندو تہ عورتون پوري طرح سجي سنورجي بي پرده موجود آهن جنهن ڪري نظرن ڪي پناه ملڻ مشڪل آهي،

**شيطان جو عورت کي تڪڻ:**

هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ جڏهن ڪا عورت گهر کان ٻاهر نڪري ٿي تہ شيطان ان کي تڪي ٿو.يعني شيطان نامحرم عورتن جي دل ۾ هي خيال وجهي ٿو تہ اهي نامحرم مردن کي ڏسن ۽ نامحرم مردن جي دل ۾ خيال وجهي ٿو تہ اهي نامحرم عورتن کي ڏسن، ان طرح

www.sukkurvi.com

اهو مرد ۽ عورت کي بدنگاهي جي گناهہ ۾ وجهي ڇڏي ٿو، چنانچہ جيڪا عورت بڻجي سنورجي ٻاهر نڪري ٿي ان جي خواهش اها ٿئي ٿي تہ نامحرم مرد کيس ڏسن ۽ نامحرم مردن جي دل ۾ بہ خواهش ٿئي ٿي تہ اهي عورتن کي ڏسن. اها عورت پنهي لاءِ گناهہ جو ذريعو بڻجي ٿي، بد نگاهي ۽ بدنظري جو ذريعو بنجي ٿي ۽ بدنگاهي اکين جو زنا آهي ان لاءِ جيترا مرد بہ ان عورت کي ڏسي بدنگاهي ۾ مبتلا ٿيندا انهن سڀني جي گناهہ جي برابران عورت کي گناهہ ملندو ڇو تہ اها عورت انهن مردن جي گناهہ ۾ مبتلا ٿيڻ جو ذريعو ٿي آهي ۽ جيڪڏهن تہ پاڻ بي پرده نڪتي آهي ان لاءِ ان جو گناهہ کيس الڳ ٿيندو.

**نابين کان پردي جو حڪم:**

هڪ حديث جيڪا مشهور ۽ معروف آهي هڪ دفعي ام المؤمنين حضرت امِ سلمہ ۽ حضرت ميمونہ رضي الله عنهما حضور پاڪ ﷺ جنجي خدمت ۾ حاضر هيون تہ اتي مشهور صحابي حضرت عبدالله بن ام مڪتوم رضي الله عنہ جيڪو نابين هو پاڻ ڪريم ﷺ سان ملاقات جي لاءِ آيو جڏهن هو گهر جي اندر آيو تہ انهن ٻنهي امهات المؤمنين ان کان پردو نہ ڪيو، ان تي حضور ﷺ جن ڪين فرمايو تہ توهان هن کان پردو ڇو نہ ڪيو؟ انهن

www.sukkurvi.com

عرض ڪيو ته ھي ته نابين آھي، يعني جئين ته ھي نابين هجڻ ڪري اسان کي ڏسي نہ رھيو آھي ته ان کان ڇا جو پردو، حضور اقدس ﷺ فرمايو ته ھي ته نابين آھي پر ڇا توھان به نابين آھيو؟ ڇا توھان ھن کي نہ ڏسي رھيون آھيو؟ لھٰذا ھن کان پردو ڪريو.

**اسان کي ته پردي جي گھڻي ضرورت آھي:**

توھان ھن واقعي ۾ ٿورو غور ڪريو ته ھڪ طرف ته حضرت عبدالله بن ام مڪتوم رضي الله عنہ صحابي آھي ۽ ٻئي طرف امھات المؤمنين آھن جيڪي انھن جون به ۽ اسان جون به مائرون آھن. جن جي دلين ۾ پري پري تائين ڪنھن برائي جو خيال به نٿو گذري سگھي. ٻنھي طرف پاڪ ھستيون آھن پر ان جي باوجود حضور اقدس ﷺ پردو ڪرايو، حقيقت ۾ ان واقعي جي ذريعي امت کي ھيءَ تعليم ڏني ته نامحرم کان پردو ضروري آھي ۽ جڏھن امھات المؤمنين کي صحابه ڪرام رضي الله عنھم کان پردو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته اسين ۽ توھان ڇا انھن کان به وڌيڪ پاڪ دامن آھيون جو پردي جي حڪم تي عمل نہ ڪريون؟ معلوم ٿيو ته اسان کي انھن کان به وڌيڪ پردي جي ضرورت آھي ڇو ته اسين مٿي کان پيرن تائين گناھن ۾ ٻڏل آھيون. لھٰذا عورتن کي سين

نامحرم مردن کان پردي جي ضرورت آهي، چاهي اهي نابين هجن يا بينا هجن ۽ شرعي پردي جو گهٽ ۾ گهٽ اهتمام ڪرڻ گهرجي.

**بي پردگي بيشمار گناهن جو ذريعو:**

بي پردگي اهڙو ذريعو ۽ وسيلو آهي، جو ڪيترن ئي گناهن جو ذريعو بنجي ٿي، چنانچہ عام طور تي جيترا گناهہ آهن انهن ۾ اڪثر جو بنياد عورت جي بي پردگي مرد جي بد نگاهي ۽ بد نظري آهي. ۽ اهو ئي گناهہ اڳيان وڌي مردن ۽ عورتن کي بيشمار گناهن ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو. جنهن سان دنيا بہ برباد ٿئي ٿي ۽ آخرت بہ برباد ٿئي ٿي. ان لاءِ مردن کي گهرجي تہ هو پنهنجي نظرن جي حفاظت ڪن ۽ ڪنهن نامحرم عورت سان اڪيلائيءَ ۾ نہ ويهن ۽ بغير ضرورت ان سان نہ ڳالهائين.

**گهرجي نوڪر ۽ ڊرائيور کان پردو ڪجي:**

ڪن گهرن ۾ نامحرم مرد نوڪر ۽ ملازم هوندا آهن انهن مان ڪي ملازم گهر جي ٻاهر جا ڪم ڪندا آهن ۽ ڪي ملازم گهر جي اندرين ڪمن لاءِ رکيا ويندا آهن، جئن گهر جي صفائي ڪرڻ، ڪاڏو ٿاهڻ ۽ ٻين ڪمن جو انتظام ڪرڻ وغيره. جن مردن کي ملازم رکيو ويو آهي اهي اندروني ڪمن لاءِ مقرر هجن يا ٻاهرين ڪمن لاءِ مقرر

هجن چاهي اهي وڏي عمر جا هجن يا وچولي عمر جا هجن جوان هجن يا نوجوان؟ گهر جي عورتن لاءِ هي سڀ نامحرم آهن ۽ گهر جي عورتن لاءِ انهن سڀن جي سامهون بي پرده اچڻ درست ناهي سراسر گناهه آهي ان ڪري انهن کان به پردو ڪرڻ گهرجي، ۽ ذهن ۾ هيءَ ڳالهه هئڻ گهرجي جيڪو نامحرم آهي اهو نامحرم آهي چاهي اهو نامحرم ملازم هجي، ۽ کاڌو ٺاهڻ وارو هجي يا گهر جي صفائي ڪرڻ وارو هجي، چاهي ڊرائيور هجي يا ٻاهريان ڪم ڪرڻ وارو هجي، گهر ۾ ان ملازم جي مسلسل رهڻ يا بار بار اچڻ وڃڻ يا ڪم ڪار ڪرڻ جي ڪري اهو محرم نٿو بڻجي وڃي. جهڙي طرح ٻين نامحرمن کان پردو ڪرڻ جو حڪم آهي اهڙي طرح انهن ملازمن کان به پردو ڪرڻ جو حڪم آهي ۽ عورتن جي لاءِ انهن جي سامهون بي پرده اچڻ صحيح ناهي.

www.sukkurvi.com

**عورت جي آواز جو پردو:**

هڪ مسئلو هي ته جهڙي طرح عورتن جي لاءِ پنهنجي جسم کي نامحرم مردن کان لڪائڻ ضروري آهي اهڙي طرح پنهنجي آواز کي به نامحرم مردن تائين پهچائڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. هاجتي ضرورت هجي اتي عورت نامحرم مرد سان پردي پٺيان ڳالهائي

سگهي ٿي. اهڙي طرح فون تي بہ ضرورت وقت ڳالهائي
سگهي ٿي البتہ ادب هي آهي تہ نامحرم سان ڳالهائڻ وقت
عورت پنهنجي آواز جي قدرتي ڪشش ۽ نرميءَ کي ختم
ڪري ٿورو خشڪ کهُري لهجي ۾ ڳالهائي تہ جيئن قدرتي
ڪشش ۽ نرمي ظاهر نہ ٿئي ۽ نامحرم مرد کي عورت جي
ڳالهائڻ جي نرم انداز مان گناه جي لذت وٺڻ جو موقعو نہ
ملي سگهي، ان مان شريعت جي احتياط جو اندازو لڳايو،
الله اڪبر، اڄڪلهہ اسان جي معاشري ۾ جن گهرن ۾
ڪجهہ پردي جو اهتمام ٿئي ٿو، اتي بہ عورتن جي آواز
جي سلسلي ۾ عام طور تي ڪو احتياط نٿو ڪيو وڃي،
بلڪ نامحرم مردن سان بغير ضرورت جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ
ٿيندو رهي ٿو ۽ ان ڳالهائڻ جو انداز اهڙو ٿئي ٿو جيئن
پنهنجي محرم سان ڳالهائڻ جو انداز هجي، مثلاً جيئن بي
تڪلفي سان انسان پنهنجي ماءُ سان، پنهنجي ڌيءُ سان،
پنهنجي گهر واري سان ۽ پنهنجي سڳي ڀيڻ سان ڳالهائي
ٿو ۽ يوڳ چرچو ڪري ٿو ۽ ان ۾ ڪو حرج بہ ناهي پر
ڪڏهن اهوئي انداز نامحرم مرد سان ڳالهائڻ وقت بہ
هوندو آهي ۽ نامحرم عورتون نامحرم مردن سان اهوئي
انداز اختيار ڪن ٿيون، ۽ ڳالهائڻ دوران کل ڀوڳ، دل
لڳي ۽ ڇيڙڇاڙ سڀ ڪجهہ ٿئي ٿو اڄ اهي ڳالهيون اسان

www.sukkurvi.com

جي معاشري ۾ عام آهن، ياد رکو! جهڙي طرح عورت جي جسم جو پردو آهي، اهڙي طرح ان جي آواز جو به پردو آهي جهڙي طرح عورت جي ذمي هي ضروري آهي ته پنهنجو پاڻ کي نامحرم مردن جي سامهون اچڻ کان بچائي اهڙي طرح ان جي ذمي هي به ضروري آهي ته پنهنجي آواز کي بناسبب جي نامحرم مردن تائين وڃڻ کان روڪي، مثلاً، ڏير، پيٽويون، خالا جو گهروارو، پڦيءَ جو گهروارو هي سڀ نامحرم آهن انهن سڀن سان به بغير ضرورت جي ڳالهائڻ کان بچي، ها جتي ضرورت هجي اتي بقدر ضرورت ڳالهائڻ جي اجازت آهي.

www.sukkurvi.com

**جهنم وارن جون ٻه جماعتون:**

هڪ حديث ۾ جناب رسول الله ﷺ فرمايو ته جهنم وارن جون ٻه جماعتون اهڙيون آهن جن کي اجا تائين مون نه ڏٺو آهي، يعني حضور ﷺ جي زماني ۾ اهي ظاهر نه ٿيون هيون. پر پاڻ ﷺ پهرين کان انهن جماعتن بابت پيشن گوئي فرمائي ۽ اڄ اهي ٻئي جماعتون اسان ۾ موجود آهن، پوءِ پاڻ ﷺ جن فرمايو ته هڪ جماعت اها آهي جن جي هٿن ۾ ڍڳي جي پڇ جهڙا هنٽر هوندا جن سان هو ماڻهن کي ماري رهيا هوندا ۽ ٻي جماعت انهن عورتن جي آهي جيڪي لباس پائڻ جي باوجود اگهاڙيون هونديون

۽ اهي مردن کي پنهنجي طرف متوجہ ڪرڻ واريون
هونديون ۽ خود انهن جي طرف متوجہ ٿيڻ واريون
هونديون ۽ انهن جي مٿي تي بختي اٺ جي ٿوهي وانگر
مٿي مٿي وار هوندا ۽ هو مٽڪي مٽڪي هلنديون هي ٻئي
جماعتون جنت جي خوشبو بہ نہ سونگهي سگهنديون. جڏهن
تہ جنت جي خوشبو پري کان محسوس ٿيندي. هي حديث
شريف جو خلاصو آهي.

**پهرين جماعت ٻين تي ظلم ڪرڻ وارن جي آهي:**

هن حديث پاڪ ۾ جناب رسول الله ﷺ جن جهنم
جي ٻن جماعتن جو ذڪر فرمايو. پهرين جماعت مان اهي
ماڻهو مراد آهن جيڪي ٻين تي ظلم ڪندا، ناحق ماڻهن
کي ماريندا، ناحق انهن کان پئسا ڦريندا ۽ ناحق انهن کان
ڪم ڪرائيندا. اڄ اسان جي معاشري ۾ اها جماعت موجود
آهي، چنانچہ اڄ اهڙا ظالم چاهي حيثيت وارا هجن يا
سرڪاري آفيسر هجن يا غير سرڪاري آفيسر هجن چاهي
شهر ۾ هجن يا ڳوٺ ۾. عام طور تي هي ڪمزورن تي،
غريبن تي، مسڪينن تي ڏاڍا ظلم ۽ زيادتيون ڪن ٿا ۽
انهن کان زبردستي ڪم وٺن ٿا، زبردستي انهن کان پئسا،
ڀتو ڀُنگ ۽ رشوتون وٺن ٿا. برادرين ۾ چوڌري ۽ ڳوٺن ۾
ڪجهہ نمبردار ۽ وڏيرا بہ اهڙا هوندا آهن ۽ اهي هي سڀ

www.sukkurvi.com

ڪجھ ڪن ٿا، شھر ۾ غنڊا ۽ آواره قسم جا ماڻھو بہ اھي
ڪم ڪن ٿا، انھن پنھنجون جماعتون ۽ تنظيمون ناھي
ڇڏيون آھن، ھي واپارين ۽ دڪاندارن کي تنگ ڪن ٿا ۽
انھن جو مھيني تي ڀتو بہ مقرر آھي، جيڪڏھن انھن کي
ڀتو ملندو رھي تہ ماڻھو عافيت سان رھن ٿا ۽ جنھن ڏينھن
ماڻھو ڀتو ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏين ان ڏينھن انھن جو
خير ناھي پوءِ نہ سندن جان جي ضمانت آھي نہ عزت جو
خير آھي اھي ماڻھو جھنم ۽ دوزخ جي جماعت وارا آھن
جن بابت رسول الله ﷺ پنھنجي زندگيءَ ۾ پيشنگوئي
فرمائي ڇڏي، بھرحال ھڪ جماعت تہ ھيءَ آھي.

**ٻي جماعت لباس پائڻ جي باوجود بي لباس عورتن جي آھي:**

جھنمين جي ٻي جماعت عورتن جي آھي جنجون
نشانيون حضور اقدس ﷺ بيان فرمايون پھرين نشاني
ھيءَ بيان فرمائي تہ عورتون لباس پائڻ جي باوجود بي
لباس ھونديون. يعني انھن جي جسم تي لباس تہ ھوندو پر
لباس جو اصل مقصد آھي تہ اھو جسم ڍڪي ۽ جسم جي
جيڪا قدرتي بناوت آھي ان کي لڪائي، سندن لباس ان
مقصد کي پورو نہ ڪندو. ان مقصد کي پورو نہ ڪرڻ جا بہ
سبب ھونداَ، ھڪ ھي تہ اھو لباس ايترو سنھو ھوندو جو
ان مان جسم صاف ظاھر ٿي رھيو ھوندو جيئن اڄ ڪلھ

www.sukkurai.com

گرمي جي زماني ۾ ڪي عورتون لون جي قميص ۽ شلوار استعمال ڪنديون آهن جنهن سان سندن جسم ڇُپيل نٿو ٿئي بلڪ سندن جسم ڇپيل يعني اجان وڌيڪ ظاهر ٿي رهيو هوندو آهي. (ڏيکائي ڏئي رهيو هوندو آهي)

**سنهو لباس پائڻ جي هڪ جائز صورت:**

اگر لون جو وڳو ڪنهن کي پاتُو هجي ته ان جو جائز طريقو هي آهي ته قميص جي هيٺان شميز پائي ۽ شلوار جي اندر سنهي وائلولڳائي ڇڏي ته جيئن سنهي ڪپڙي پائڻ جو جيڪو مقصد آهي يعني گرمي نه لڳڻ اهو به حاصل ٿي وڃي ۽ پردو به حاصل ٿي وڃي. پر اهڙيون عورتون تمام گهٽ آهن. جيڪي عورتون شرعي پردو نٿيون ڪن اهي لون جي هيٺان بنيان يا شميز پائڻ جو اهتمام نٿيون ڪن ۽ اهڙين عورتن جو رنگ نه صرف نالي جو هوندو آهي بلڪ اهو به V جي شڪل ۾ ڳچيءَ ۾ پيل هوندو آهي، اهڙين عورتن بابت ئي هن حديث ۾ بيان فرمايو ويو آهي. ته اهي ڪپڙا پائڻ جي باوجود اگهاڙيون هونديون.

**سوڙهو لباس پائڻ واريون عورتون:**

ٻيو سبب هيءُ هوندو ته اهو لباس سنهو ته نه هوندوتلهو ئي هوندو پر اهو ايترو ته سوڙهو هوندو جو

www.sukkurvi.com

جسم جي عضون جي بناوت کي ظاهر ڪري رهيو هوندو ان جي بناوت کي لڪائي نہ رهيو هوندو جنهن جي نتيجي ۾ ڪپڙن پائڻ جو جيڪو مقصد آهي يعني پردو ڪرڻ اهو مقصد حاصل نہ ٿيندو ان ڪري اهڙيون عورتون بہ ڪپڙا پائڻ جي باوجود اگهاڙيون هونديون.

**ناقص لباس پائڻ واريون عورتون:**

حضرت مولانا عاشق الاهي صاحب رحمة الله عليه هڪ ٻيو سبب بہ بيان فرمايو آهي اهو هي تہ جسم تي لباس تہ هوندو پر پورو نہ هوندو جيئن اڄ ڪلهہ ان جو رواج آهي تہ قميص جون ٻانهون ڪيجن تائين آهن ۽ پوري ٻانهن ڪليل هوندي آهي ايستائين جو ڪلها بہ نظر اچي رهيا آهن ۽ ٻئي طرف ڪنڌ ڪليل آهي، سينو ڪليل آهي، چيلهہ ڪليل آهي،سلوار بہ ٻڪين تائين ڪليل آهي بس صرف نالي جو لباس آهي. لباس جو جيڪو اصل مقصد آهي يعني ستر لڪائڻ اهو ان لباس مان حاصل نٿو ٿئي، ان ڪري اهڙيون عورتون بہ لباس پائڻ جي باوجود اگهاڙيون هونديون ۽ انهن جو اهڙو لباس جهنم ۾ وڃي وڃڻ جو سبب آهي.

www.sukkurvi.com

**ساڙهي هڪ ناقص لباس:**

اڄ ڪلهه جيڪا ساڙهي پاتي وڃي ٿي عام طور تي ان جو به اهوئي حال آهي، چنانچه ساڙهيءَ ۾ عورت جي پيٽ ۽ پيٽ اگهاڙو ٿئي ٿو ۽ اهڙي حالت ۾ اها عورت گهر کان ٻاهر نڪري ٿي، اهڙي عورت به ان جماعت ۾ داخل آهي جنهن جي حضور ﷺ پيشن گوئي فرمائي آهي، ان ڪري جيڪي عورتون اهڙو سنهو لباس پائين ٿيون جنهن سان جسم جهلڪي رهيو هجي يا اهو لباس ايڏو سوڙهو هجي جو ان جي ڪري عضون جي بناوٽ نظر ايندي هجي يا اهو لباس ناقص ۽ نامڪمل آهي جو جن عضون کي لڪائڻ جو حڪم آهي اهي عضوا ان لباس سان نه لڪيا، هنن ٽنهي قسمن جون عورتون لباس پائڻ جي باوجود اگهاڙيون آهن.

**مردن جي توجهه کي ڇڪڻ واريون عورتون ۽ خود توجهه ڏيڻ واريون:**

هن حديث ۾ انهن عورتن جي هڪ صفت هيءَ بيان ڪئي وئي ته اهي عورتون پاڻ مردن ڏانهن متوجه ٿيڻ واريون هونديون ۽ مردن کي پاڻ ڏي متوجه ڪرڻ واريون هونديون ۽ انهن عورتن پنهنجي وارن جي فيشن مطابق اهڙي صورت بنائي هوندي جو ائين لڳندو ته انهن جي مٿي تي گهڻا وار آهن ۽ اهي وار بختي اُٺ جي ٿوهي جيان مٿي هوندا يعني جهڙي طرح اٺ جڏهن هلي ٿو ته ان جو ٿوهو

www.sukkurvi.com

ڪڏهن هِن طرف جهڪي ٿو، ڪڏهن هُن طرف جهڪي ٿو، اهڙي طرح اهي عورتون پنهنجي مٿن کي اهڙي طرح حرڪت ڏئي هلنديون جو انهن جي مٿي جا وار ڪڏهن هڪ طرف جهڪندا ۽ ڪڏهن ٻي طرف جهڪندا جن کي ڏسي ماڻهو محسوس ڪندا ته انهن جي مٿي جا وار ڏاڍا ڊگها ۽ گهاٽا آهن.

**اهڙيون عورتون به جهنم ۾ وينديون:**

اهو لباس جيڪو انهن پاتو هوندو اهو مالي تنگي جي ڪري نه بلڪ فيشن جي ڪري انهن عورتن سنهو لباس يا سوڙهو لباس يا اڌورو لباس پاتو هوندو ۽ اهڙي لباس ۾ هو پنهنجو پاڻ کي سنواري ۽ ميڪ اپ ڪري ۽ وار ٺاهي گهر کان ٻاهر نڪرنديون ته جيئن نامحرم مرد انهن ڏانهن متوجه ٿين ۽ هي انهن مردن ڏانهن متوجه ٿين.بهرحال هيءَ انهن جهنمي عورتن جي علامت ۽ نشاني آهي. اهڙين عورتن بابت حضور اقدس ﷺ فرمايو ته جنت جي خوشبو به نه سونگهي سگهنديون، جڏهن ته ٻي حديث شريف ۾ آيو آهي ته جڏهن جنت تائين پهچڻ ۾ سؤ سال جو فاصلو باقي هوندو، ايترو پري کان جنت جي خوشبو اچڻ شروع ٿي ويندي. پر جيڪي عورتون دنيا ۾ بي پرده رهنديون اهي جنت جي خوشبوءِ کان به محروم

www.sukkurvi.com

رهنديون جنهن جو مطلب هي ته اهڙيون عورتون جهنم ۾ وينديون. ها اگر خاتمو ايمان تي ٿيو ته پنهنجي گناهن جي سزا ڀوڳي جنت ۾ وڃي سگهنديون.

**حضور پاڪ ﷺ جن جو امت جي عورتن کي ڏسي روئڻ:**

علامہ حافظ ابن حجرهيثمي رحمة الله عليہ پنهنجي ڪتاب "الزواجر" جنهن ۾ ڪبيره گناهن کي بيان فرمايو آهي ان ڪتاب ۾ هڪ روايت نقل ڪئي آهي جنهن جو خلاصو هي آهي ته هڪ دفعو حضرت عليؓ ۽ حضرت فاطمہؓ سرڪار دو عالم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ته ڏٺائون ته حضور پاڪ ﷺ روئي رهيا آهن انهن ٻنهي پڇيو يا رسول الله ﷺ توهان ڇا لاءِ روئي رهيا آهيو؟ نبي ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو جنهن رات مونکي آسمان ۽ جنت ۽ دوزخ جو سير ڪرايو ويو ان رات مون جهنم ۾ پنهنجي امت جي عورتن کي مختلف عذابن ۾ مبتلا ڏٺو، انهن عذابن جي هولناڪي جي ڪري مونکي روئڻ اچي رهيو آهي، سرڪار دوعالم ﷺ جن کي پنهنجي امت تي سين ڪان وڌيڪ شفقت ۽ محبت هئي، اسان تي اسان جا ماءُ پيءُ جيترا شفيق ٿي سگهن ٿا ۽ اسين

www.sukkurvi.com

پنهنجن جانين تي جيترا شفيق تي سگهون ٿا،
حضور ﷺ ان کان گهڻو وڌيڪ شفيق ۽ مهربان هئا.

**عورت کي ڇهن طريقن سان عذاب:**

حضرت عليؓ سوال ڪيو يارسول الله ﷺ توهان
پنهنجي امت جي عورتن کي ڪهڙي قسم جي عذاب ۾
مبتلا ڏٺو؟ پاڪ ڪريم ﷺ جن فرمايو

(١) مون هڪ عورت کي هن حال ۾ ڏٺو جو هوءَ پنهنجي
مٿي جي وارن جي ذريعي جهنم ۾ ٽنگيل آهي ۽ ان جو
دماغ جهنم جي باهه ۾ پچي رهيو آهي.

(٢) ۽ هڪ عورت کي ان حال ۾ ڏٺو جو هوءَ پنهنجي زبان
جي سهاري دوزخ ۾ ٽنگيل آهي ۽ سندن وات ۾ گرم پاڻي
وڌو پيو وڃي.

(٣) هڪ عورت کي ان حال ۾ ڏٺم ته ان جا ٻئي پير ڇاتيءَ
سان تي ٻڌل آهن ۽ ان جا ٻئي هٿ پيشانيءَ سان ٻڌل آهن ۽
نانگ ۽ وڇون ان تي مقرر آهن جيڪي ان کي ڏنگي رهيا
آهن.

(٤) هڪ عورت کي ان حال ۾ ڏٺم جو هوءَ پنهنجي سيني
جي ذريعي دوزخ ۾ لٽڪيل آهي.

www.sukkurvi.com

(٥) هڪ عورت کي ان حال ۾ ڏٺم ته ان جو مٿو ۽ منهن سوئر جيان آهي ۽ باقي جسم گڏهه وانگر آهي ۽ هزارين قسمن جا عذاب ان تي ٿي رهيا آهن

(٦) ۽ هڪ عورت کي ان حال ۾ ڏٺم ته ان جو پورو جسم ڪتي وانگر آهي ۽ سندس وات ۾ جهنم جي باهه داخل ٿي رهي آهي ۽ ڪاڪوس جي رستي نڪري رهي آهي. ۽ فرشتا ان جي جسم تي باهه جا گرز هڻي رهيا آهن اهڙي طرح نبي ڪريم ﷺ مختلف عورتن تي ٿيڻ وارن عذابن جو ذڪر فرمايو.

**بي پردگيءَ جي ڪري عذاب:**

حضرت فاطمهؓ سوال ڪيو ته يارسول الله ﷺ انهن عورتن کي هي عذاب ڪهڙن گناهن جي ڪري ٿي رهيو هو؟ نبي ڪريم ﷺ فرمايو. جيڪا عورت پنهنجي مٿي جي وارن جي ذريعي جهنم ۾ لٽڪيل هئي ۽ ان جو دماغ باهه جي ڪري هنديءَ وانگر ٽهڪي رهيو هو اِها اها عورت هئي جيڪا نامحرم مردن جي سامهون بي پرده ايندي ويندي هئي توهان ڏٺو هوندو ته جيڪا عورت بي پرده ٿئي ٿي عام طور تي ان جو مٿو کليل ٿئي ٿو جڏهن ته نامحرم مردن جي سامهون جهڙي طرح ٻئي جسم کي لڪائڻ ضروري آهي اهڙي طرح وارن کي به لڪائڻ

www.sukkurvi.com

ضروري آهي. ان ڪري جيڪي عورتون بي پرده بازارن ۾ گهمنديون آهن اهي ان عذاب مان عبرت حاصل ڪن. هڪ ته دوزخ جي اندر هجڻ ڪيڏو وڏو عذاب آهي ۽ ان ڪان علاوه باهه جي ڪري دماغ ٽهڪڻ ان ڪان به وڏو عذاب آهي.

**دنيا ۾ رب چاهي ڪريو:**

هي دنيا ڪجهه ڏينهن جي زندگي آهي، انسان ان ۾ الله تعاليٰ جو حڪم مڃي ته اهو بهتر آهي. هڪ بزرگ جو ڏاڍو پيارو جملو آهي ته "توهان دنيا ۾ رب چاهي ڪريو جنت ۾ من چاهي ڪجڻ". يعني دنيا جي ننڍڙي زندگي ۾ الله پاڪ جو چوڻ مڃو ۽ الله تعاليٰ جيڪو چاهي ٿو اهو ڪري ڏيکاريو ته پوءِ جنت ۾ اهو حاصل ڪجڻ جيڪو توهان جي دل چاهي ٿي. الله تعاليٰ اتي توهان جي هر جائز خواهش پوري فرمائيندو. هنن ٿورن ڏينهن جي زندگيءِ کان پوءِ آخرت جي هميشه واري زندگي اچڻي آهي، اتي وڃي من چاهي ڪرڻ وڏي نفعي وارو سودو آهي، پر جيڪڏهن دنيا ۾ ڪنهن من چاهي ڪئي ته ان جو وڏو عذاب ۽ وڏو وبال آهي، ان ڪري دنيا جي ڪجهه ڏينهن جي زندگيءِ خاطر پنهنجو پاڻ کي بي پرده رکڻ ۽ بي پرده گهر مان نڪرڻ ۽ نامحرم مردن جي سامهون بي پرده اچڻ وڃڻ ۽

پنهنجي متي کي کولڻ ان ۾ وقتي طور تي انسان کي ڪجهه آزادي محسوس ٿئي ٿي.

**بي پردگيءَ ۾ آزاديءَ جو ڏوڪو:**

پر حقيقت ۾ بي پردگيءَ ۾ نه آزادي آهي ۽ نه راحت و سڪون بلڪ سڪون جو ڏوڪو آهي، راحت جو ڏوڪو آهي، آزاديءَ جو ڏوڪو آهي، اگر واقعي بي پردگيءَ ۾ راحت هجي ها ته الله پاڪ پردي جو حڪم نه فرمائي ها. الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جيڪو حڪم ڏنو آهي، حقيقت ۾ ان ۾ راحت آهي، ان ئي ۾ عزت آهي، ان ئي ۾ عفت آهي ان ئي ۾ پاڪدامني آهي. دنيا جي ڪجهه ڏينهن جي زندگي جي خاطر وڏي عذاب کي خريدڻ ڪا عقلمندي جي ڳالهه ناهي.

**زبان درازي تي عذاب:**

هڪ عورت بابت فرمايو ته جيڪا عورت زبان سان جڪڙي ٽنگيل هئي اها اها عورت هئي جيڪا دنيا ۾ زبان دراز هئي ۽ بداخلاق هئي ۽ پنهنجي مڙس سان وڙهندي هئي ۽ پنهنجي زبان جي ذريعي ناحق پنهنجي مڙس کي تنگ ڪندي هئي اهڙي عورت کي جهنم ۾ زبان جي ذريعي ٽنگيو ويندو، اهڙي طرح اگر ڪو مرد پنهنجي زال کي تنگ ڪندو ۽ پريشان ڪندو ان کي طعنه ۽ مهڻا

www.sukkurvi.com

ڏيندو ان کي ۽ ان جي ماءُ پيءُ کي گهڻ وڌ چوندو، اهڙو مرد به گنهگار ٿيندو، ائين نه آهي ته عورتون جيڪڏهن گناهه ڪنديون ته پڪڙيون وينديون ۽ مرد آزاد آهن جيڪو چاهين ڪندا رهن انهن کان پڇا نه ٿيندي، ائين نه آهي بلڪ مرد اگر زبان جي ذريعي گناهه ڪندا ته انهن جي پڪڙ به ٿيندي.

**ناپاڪ رهڻ ۽ ڇڙڻ تي عذاب:**

ٽئي عورت جنهن کي ان حال ۾ ڏٺو ته ان جا ٻئي هٿ نراڙ سان ۽ ٻئي پير ڇاتيءَ سان ٻڌل آهن ۽ ان کي دوزخ جو عذاب ٿي رهيو آهي، انهيءَ بابت فرمايو ته هي اهي عورتون آهن جيڪي جنابت يعني تڙ کان پوءِ ۽ مخصوص ڏينهن گذرڻ کان پوءِ غسل جو اهتمام نٿيون ڪن ان سلسلي ۾ ڪوتاهي ۽ لاپرواهي ڪن ٿيون ۽ نه صرف نماز نٿيون پڙهن بلڪ نماز تي ڇڙون ڪن ٿيون

**غسل ۾ لاپرواهي ڪرڻ:**

ڪي عورتون غسل ڪرڻ ۾ گهڻي لاپرواهي ڪن ٿيون جو غسل فرض ٿي ويو پر وقت تي غسل نه ڪرڻ ڪري نماز قضا ٿي رهي آهي، ان ڪوتاهيءَ ۾ ڪيترائي مرد به مبتلا آهن، خاص ڪري نوجوان مرد ۽ نوجوان عورتون ان ۾ گهڻيون مبتلا آهن يا عين نماز جي وقت

www.sukkurwi.com

اٿن ٿا پر غسل ۾ ايتري دير ڪن ٿا جو ان جي نتيجي ۾ ڪڏهن جماعت نڪري وڃي ٿي ۽ ڪڏهن نماز ئي قضا ٿي وڃي ٿي، ياد رکو غسل ۾ ايتري دير لڳائڻ جو ان جي ڪري جماعت نڪري وڃي يا نماز ئي قضا ٿي وڃي گناهه آهي.

**پاڪيءَ جو وقت شروع ٿيڻ تي نماز فرض ٿي وڃي ٿي:**

اهڙي طرح عورتن جا نماز نه پڙهڻ جا ڏينهن ٿين ٿا. انهن ڏينهن جي پوري ٿيڻ تي عورتون ان جو اهتمام ڪن ته جڏهن اهي ڏينهن ختم ٿيندا فورًا غسل ڪري نماز شروع ڪري ڇڏين، ڪجهه عورتون ان ۾ سستي ڪن ٿيون ۽ ڪيتريون ئي نمازون لاپرواهي ۾ قضا ڪري ڇڏين ٿيون، جڏهن ته انهن ڏينهن جي ختم ٿيڻ کان پوءِ هڪ نماز به ڇڏڻ جي اجازت ناهي، ايستائين جو ڪا عورت اهڙي وقت ۾ پاڪ ٿي جڏهن نماز جو وقت ختم ٿيڻ ۾ ايترو وقت باقي آهي جو هوءِ غسل ڪري تڪبير تحريمه يعني الله اڪبر چئي سگهي ٿي ته ان صورت ۾ به ان عورت تي ان وقت جي نماز فرض آهي. پر اڄ ڪلهه عورتن جو هي حال آهي جو جيڪڏهن عورتون رات جو پاڪ ٿي وڃن ٿيون پر ان جي باوجود به ڏينهن جو غسل نٿيون ڪن. عورتن کي گهرجي ته ان مسئلي کي چڱي طرح سمجهي

وٽن ۾ گهٽي فڪر سان ان مسئلي تي عمل ڪن. ان جي پوري تفصيل بهشتي زيور ۾ موجود آهي. اتي ان مسئلي کي پڙهي سمجهي وٺن. اگر سمجهه ۾ نہ اچي تہ ڪنهن عالم ڪان سمجهن، ان ڪان علاوه **"تحفہ خواتين"** ۾ بہ حضرت مولانا عاشق الاهي صاحب رحمة الله عليه ان مسئلي کي چڱي طرح بيان فرمايو آهي، اتي ڏسي وٺن.

**ناجائز تعلقات تي عذاب:**

چوٿين عورت جنهن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن ڏٺو اها چاتي جي سهاري جهنم ۾ ٽنگيل هئي. پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ هيء اها عورت هئي جيڪا دنيا ۾ نامحرم مردن سان ناجائز تعلق رکندي هئي. توهان ڄاڻو ٿا انهن ناجائز تعلقات جو اصل سبب بي پردگي آهي جتي بي پردگي ٿئي ٿي اتي ٻين مردن سان ناجائز تعلقات بہ قائم ٿي وڃن ٿا، هي وڏي وبال ۽ عذاب جي شيء آهي. الله تعاليٰ تمام عورتن کي ان ڪان محفوظ رکي.آمين

**ڪوڙ ۽ چغلي تي عذاب:**

پنجين عورت جنهن کي پاڻ ﷺ جن ان حال ۾ ڏٺو جو ان جو منهن تہ سوئر جهڙو ۽ باقي جسم گڏه وانگر ۽ ان کي هزارين قسمن جا عذاب ٿي رهيا هئا. انهيء بابت فرمايو تہ هيء اها عورت هئي جيڪا دنيا ۾ ڪوڙ

www.sukkurvi.com

ڳالهائيندي هئي ۽ چغلي هڻندي هئي. جيڪا عورت هُتي جون ڳالهيون هِتي ۽ هِتي جون ڳالهيون هُتي پهچائي ٿي ۽ ان جي نتيجي ۾ ٻن عورتن ۾ ۽ ٻن مردن ۾ جهيڙو ڪرائي ٿي ان جو نالو چغلي هَڻڻ آهي. انهن ٻنهي گناهن جي ڪري ان عورت کي هي دردناڪ عذاب ٿي رهيو هو. ۽ اهو ڪم صرف عورت سان خاص ناهي بلڪ مرد به ڪري سگهي ٿو. ان ڪري اگر ڪو مرد به ائين ڪندو ته اهو به گنهگار ٿيندو. هي ٻئي گناهه اهڙا آهن جيڪي معاشري کي تباهه ڪرڻ وارا آهن.

www.sukkurvi.com

**نا اتفاقي، جو سبب ڪوڙ ۽ چغلي:**

جيڪڏهن غور ڪندئو ته هي نظر ايندو ته اڪثر اسان جي گهرن ۾ ۽ خاندانن ۾ جيڪي جهيڙا جهڳڙا ٿين ٿا يا نا اتفاقيون ٿين ٿيون، ان ۾ هنن ٻنهي ڳالهين جو خاص طور تي دخل هوندو آهي. هڪ هي ته جنهن گهر ۾ جهيڙو جهڳڙو هوندو آهي اتي ڪوڙ ڳالهائڻ جي عادت گهڻي هوندي آهي ۽ جيڪو ڪوڙ ڳالهائي ٿو اهو اڪثر چغلي هڻي ٿو. حضور پاڪ ﷺ به انهن ٻنهي کي گڏ ذڪر فرمايو آهي ان مان معلوم ٿيو ته عام طور تي هي ٻئي گناهه هڪ ٻئي سان گڏ هوندا آهن.

**چغلي جي حقيقت:**

چغليءَ ۾ هي ٿئي ٿو تہ هڪ شخص ڪا ڳالهہ نہ ڪئي پر هن وٽان ٻئي ڪي اها ڳالهہ چئي تہ فلاڻو تنهنجي بابت هي چئي ٿو. اسان وٽ تحقيق ڪرڻ جو رواج ناهي، بس جيڪا ڳالهہ ٻڌي سون اها پٿر تي ليڪ وانگر آهي ۽ اهو شخص جنهن بابت اها ڳالهہ چئي وئي اهو جيڪڏهن قسم کڻي بہ چئي تہ مون اها ڳالهہ ناهي چئي پوءِ بہ سندس ڳالهہ نٿي مڃي وڃي. جڏهن ٻنهي طرفن جون ڳالهيون هِتي ڪان هُتي. هُتي ڪان هِتي ٿينديون تہ ان ۾ ڪوڙ بہ هوندو چغلي بہ هوندي ۽ غيبت بہ هوندي. جنهن جي نتيجي ۾ لڙائي، جهڳڙو ۽ نا اتفاقيون پيدا ٿينديون. جيڪڏهن مرد ۽ عورتون ٻئي انهن ٻنهي گناهن ڪان اڄ ئي سچي توبہ ڪن تہ اڄ ڪان وڏيڪ اسان جي گهرن مان فساد ختم ٿي وڃي، گهرن مان نا اتفاقي ختم ٿي وڃي ۽ گهرن ۾ چين، سڪون ۽ آرام راحت ٿي وڃي.

**حسد ڪرڻ ۽ احسان جتلائڻ تي عذاب:**

ڇهين عورت جنهن کي پاڻ ﷺ ان حال ۾ ڏٺو جو ان جو جسم ڪتي جيان هو، ان جي وات ۾ باهہ داخل ٿي رهي هئي ۽ ڪاڪوس جي رستي ڪان ٻاهر نڪري رهي هئي ۽ ان کي جهنم جا گرز هنيا پئي ويا هيءَ اها

عورت هئي جيڪا دنيا ۾ ٻين تي احسان ڪري احسان جتلائيندي هئي ۽ ٻين جي شين تي حسد ڪندي هئي. هي ٻئي شيون اهڙيون آهن جو چاهي مردن ۾ موجود هجن يا عورتن ۾ انهن سين جي لاءِ وبال جو سبب آهن. هر مسلمان مرد ۽ عورت کي گهرجي ته هو احسان جتلائڻ کان بچن ۽ حسد ڪرڻ کان بچن.

**حسد جي حقيقت:**

حسد جو مطلب هي آهي ته هڪ شخص ٻئي وٽ ڪا نعمت ڏسي. مثال جي طور هڪ شخص کي الله تعالىٰ خاص درجو عطا فرمايو آهي يا مال عطا فرمايو آهي يا دين و دنيا جي اعتبار سان ڪا ٻئي نعمت عطا فرمائي آهي هاڻ ڪو ان نعمت کي ڏسي ڪري دل ۾ سڙي ۽ پچي ۽ دل ۾ هيءَ تمنا ڪري ته ڪنهن طرح اها نعمت هن کان ڪسجي مون کي ملي وڃي يا مون کي ملي يا نه ملي پر هن وٽ اها نعمت نه رهي، ان جو نالو ”حسد“ آهي. مثلاً ڪنهن جا ڪپڙا ڏسي حسد ڪرڻ يا زيور ڏسي حسد ڪرڻ يا ان ڳالهه تي حسد ڪرڻ ته ان وٽ ايڏي سٺي ڳاڏي ڪٿان اچي وئي ان وٽ ايڏو عمده گهر ڪٿان آيو يا ان کي ايڏو سٺو رشتو ڇو مليو. خلاصو هي ته ڪنهن کي به ڪا نعمت ملي، هاڻ ٻيو شخص چاهي اهو مرد هجي يا عورت اهو پنهنجي دل

۾ ان نعمت کي ڏسي هي خواهش ڪري تہ ڪنهن طرح اها نعمت هن کان ڪسجي وڃي چاهي مون کي ملي يا نہ ملي اهو حسد آهي جيڪو ناجائز ۽ حرام آهي.

**حسد جو علاج:**

جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجي دل ۾ حسد محسوس ٿئي تہ ان جو علاج هيء آهي تہ الله تعالىٰ کان هيء دعا ڪري تہ اي الله تو جيڪا نعمت هن کي عطا فرمائي آهي ان نعمت ۾ ان جي لاءِ برڪت ۽ ترقي عطا فرماء ۽ مون کي بہ پنهنجي فضل سان اهڙي نعمت عطا فرماء جهڙي طرح تو هن تي ڪرم فرمايو مون تي بہ پنهنجو ڪرم فرماء. ۽ ان دعا جي برڪت سان ان شاءالله حسد جي بيماري ختم ٿي ويندي.

**الله تعالىٰ جي تقسيم تي اعتراض:**

حسد ۾ درحقيقت الله تعالىٰ جي تقسيم تي اعتراض ٿئي ٿو. ڇوتہ انسان کي جيڪا نعمت ملي ٿي اها الله تعالىٰ جي تقسيم سان ملي ٿي. قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي

نَحْنُ قَسَمْنَا بَيْنَهُمْ مَّعِيشَتَهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا سورة الزخرف:32

ترجمو: يعني اسان دنيا جي زندگيء ۾ انهن ۾ انهن جي معيشت تقسيم ڪري ڇڏي آهي.

www.sukkurvi.com

ان ڪري جنهن شخص کي الله تعالىٰ جيڪا نعمت ڏني آهي اها پنهنجي حڪمت ۽ قدرت ۽ فضل سان ڏني آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪا عزت ملي يا درجو مليو يا مال مليو يا اولاد مليو يا گهر مليو اهو سڀ الله جي طرفان مليو آهي ۽ جڏهن الله جي طرفان مليو آهي ته اسان ان تي اعتراض ڪرڻ وارا ڪير آهيون ۽ هي آرزو ڪرڻ وارا ڪير آهيون ته هن کان اها نعمت کسجي وڃي. ان جو مطلب هي آهي ته الله تعالىٰ ان کي ڏيڻ چاهي ٿو ۽ اسين نه ڏيڻ چاهيون ٿا. ان ڪري هي حسد ڪرڻ اصل ۾ الله تعالىٰ جي تقسيم تي اعتراض ڪرڻ آهي ۽ الله پاڪ جي تقسيم تي اعتراض ڪرڻ وڏو سخت گناهه آهي ان ڪري حسد کان بچڻ گهرجي. مرد ۽ عورت ٻنهي کي ان گناه کان بچڻ ضروري آهي.

**احسان جتلائڻ گناهه آهي:**

ٻيو گناهه جيڪو حديث پاڪ ۾ بيان فرمايو: اهو آهي احسان جتلائڻ. هي هرڪو ڄاڻي ٿو ته جيڪڏهن ڪو ڪنهن ٻي شخص کي ڪا شيء ڏي ۽ ڏيڻ کان پوء وري ان کي هيئن چئي ته اسان توکي هيء شيء ڏني آهي اهو احسان جتائڻ آهي جيڪو وڏو گناهه آهي اسان جي معاشري ۾ اهو گناه به موجود آهي، خاص ڪري هي گناهه انهن

ماڻهن ۾ گهڻو هوندو آهي جيڪي رسم و رواج جي پيروي ڪندي ٻين کي تحفا ۽ هديا ڏين ٿا يا ڏيکاءَ جي لاءِ تحفہ ۽ هديا سوکڙيون ڏين ٿا جنهن جو مطلب هي آهي تہ انهن اهو تحفو يا سوکڙي الله تعالىٰ جي لاءِ نہ ڏنو ۽ جڏهن الله تعالىٰ جي لاءِ نہ ڏنو تہ ڏيڻ وقت هيءَ نيت ٿي تہ جڏهن اسان هن کي تحفو ڏنو آهي تہ ان جو بدلو بہ اسان کي ملڻ گهرجي هاڻ جيڪڏهن بدلو نہ مليو يا تحفي جي مقابلي ۾ گهٽ مليو تہ ان تحفي تي احسان جتائيندا تہ پائو! اسان هن کي هي ڏنو سندس ضرورت مهل اسان سندس هيءَ خدمت ڪئي پر هو تہ نہ اسان سان ملڻ آيو ۽ نہ ئي اسان کي ڪجھ ڏنائين، بس ڪائي ويهي رهيو، ڏيڻ جو تہ نالوئي نٿو وٺي هي وڏو ڪنجوس آهي. اهي ڳالهيون احسان جتائڻ ۾ شامل آهن ۽ ناجائز و حرام آهن.

**سٺو سلوڪ ۽ هديو تحفو الله تعالىٰ لاءِ ڏيو:**

ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن سان سٺو سلوڪ ۽ سٺو ورتاءُ ڪرڻو آهي يا ڪنهن کي ڪو هديو يا تحفو ڏيڻو آهي تہ صرف الله تعالىٰ لاءِ ڏيو نہ تہ نہ ڏيو ان ڪري جو هديو ڏيڻ ڪو فرض يا واجب نہ آهي. الله تعالىٰ جي لاءِ ڏيڻ جو مطلب هي آهي تہ اسان ان جو بدلو الله تعالىٰ کان وٺڻ جي نيت ڪريون ۽ اهو اجر و ثواب آهي ۽ جڏهن الله

www.sukkurvi.com

تعالىٰ جي لاءِ ۽ اجر و ثواب جي اميد تي ڏئي رهيا آهيون تہ پوءِ ڪنهن کان ان جي بدلي جي اميد نہ رکڻ گهرجي هاڻ چاهي اهو ڏئي يا نہ ڏئي، گهٽ ڏئي يا وڌيڪ ڏئي اسان کي ان سان ڪو مطلب نہ هئڻ گهرجي، ان ڪري ڪنهن سان سٺو ورتاءُ ڪري سٺو سلوڪ ڪري ۽ ڪنهن کي هديو ۽ تحفو ڏئي هميشہ لاءِ وساري ڇڏڻ گهرجي ۽ جڏهن ڏيڻ وقت الله تعالىٰ جي لاءِ نيت هوندي تہ ان جو بدلو نہ ملڻ تي ڪو اعتراض بہ نہ ٿيندو ۽ جڏهن اعتراض نہ ٿيندو تہ احسان جتائڻ جي نوبت بہ نہ ايندي ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن تي احسان جتايو ويو آهي تہ هو ان گناهہ کان توبہ ڪري ۽ آئنده ان گناهہ کان بچي بهرحال جيڪا عورت احسان ڪري احسان جتائڻ واري هوندي ۽ جيڪا عورت ڀين جي نعمت تي حسد ڪرڻ واري هوندي اهڙي عورت جو عذاب هن حديث ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

**خلاصو:**

هن حديث ۾ ڇهن قسمن جي عورتن تي عذاب جو بيان آهي جنهن مان پهرين قسم جي عورت اها آهي جيڪا بي پرده ٿي نامحرم مردن جي سامهون اچي وڃي ٿي ان ڪري عورتن لاءِ نامحرم مردن کان پردو ڪرڻ ضروري آهي گهر جي اندر بہ ۽ گهر کان ٻاهر بہ، خاص ڪري جڏهن

www.sukkurvi.com

ڪا عورت ڪنهن ضرورت سان ٻاهر نڪري ته ان کي شرعي پردو ڪري نڪرڻ گهرجي، بي پرده نڪرڻ گناهه آهي.

**گهر جي مردن ۽ عورتن کي پردو ڪرڻ تي اياريو:**

مرد جي به هيءَ ذميداري آهي ته هو پنهنجي گهر جي عورتن کي الله تعالىٰ جي هن حڪم تي عمل ڪرڻ تي آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. نرميءَ سان انهن کي سمجهائي ۽ ان موضوع تي جيڪي ڪتاب ڇپيل آهن انهن جي مطالعي سان به الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جو حڪم آسانيءَ سان معلوم ٿي سگهي ٿو، پوءِ انشاء الله عمل ڪرڻ جو جذبو به پيدا ٿيندو، چنانچه حضرت مولانا عاشق الاهي صاحب بلند شهري رحمة الله عليه جن جو ڪتاب "شرعي پردو" ۽ ٻيو ڪتاب "پرده شرعي ڪي چهل حديث" آهي. حضرت مولانا نور احمد صاحب رحمة الله عليه جن جو لکيل آهي. هي ڪتاب يا ته پڙهي عورتن کي ٻڌائجي يا عورتون پاڻ مطالعو ڪن. آهسته آهسته ان حڪم تي عمل ڪرڻ جو فڪر ڪن ۽ ڪوشش ڪن ۽ همت ڪري وک اڳتي وڌائين ۽ شرعي پردي جو اهتمام ڪن. الله تعالىٰ پنهنجي فضل سان تمام مسلمان عورتن کي بي پردگيءَ جي گناه کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

و آخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين.

www.sukkurvi.com

۞ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ

مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَ

عَلٰى اٰلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ

مَّجِيْدٌ ۞ اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ

وَّعَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى


اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى اٰلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ

حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۞

www.sukkurvi.com


نوٽ:: براءِ ڪرم
هن ڪتابڙي کي
پڙهي احتياط سان
رکو يا پڙهڻ لاءِ
ڪنهن ٻئي کي
ڏيو ضايع نه
ڪريو!

www.sukkurvi.com













چيندڙ سروري پرنٽنگ ايجنسي درگاه روڊ هالا نيو
فون نمبر: 0333-2851185